ڊاڪٽر قمرجهان مرزا

# سنڌي شعبي جي استادن جي ڪيل تحقيق

سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ قائم ٿيل سنڌي شعبو پنهنجي تاريخ ۽ علمي ادبي خدمتن سبب مڃتا ماڻي چڪو آهي. سال ١٩٥٢ع ۾ ناميارين عالم ۽ فيلسوف محترم علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جن جي وائيس چانسيلريءَ واري زماني ۾ سنڌي شعبو قائم ٿيو. جنهن جو پهريون سربراهه سنڌ جو نامور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو پاڻ ساڳي وقت ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي سربراهيءَ جا پڻ فرائض سرانجام پئي ڏيندو رهندو هو. سال ٥٣-١٩٥٤ع ۾ مشهور اديب ۽ استاد پروفيسر محبوب علي چنه سنڌيءَ جا پوسٽ گريجوئيسٽ جا ڪلاس سنڀاليا.

سال ١٩٥٧ع سنڌي شعبي جي تاريخ جو اهم سال آهي. ڇاڪاڻ ته ان سال سنڌي شعبي کي الڳ حيثيت حاصل ٿي. ان وقت مادر علمي جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي هو. الڳ ۽ مڪمل حيثيت حاصل ٿيڻ کان پوءِ سنڌي شعبي جو پهريون سربراهه مشهور لسانيات جو ماهر پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب مقرر ٿيو. جتوئي صاحب سنڌيءَ جو پهريون پوسٽ گريجوئيٽ هو. هو جڏهن سال ١٩٦٣ع ۾ لسانيات ۾ ماسٽر جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿيو. تڏهن سندس جاءِ تي ڊاڪٽر غلام علي الانا کي سنڌي شعبي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. ساڳئي سال پڻ ڊاڪٽر غلام علي

الانا کي بہ لسانيات جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن لنڊن وڃڻو پيو، تڏهن کان محترم حبيب الله مرزا صاحب سنڌي شعبي جو چيئرمين ٿيو. مرزا صاحب کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب سنڌي شعبي جي چيئرمين جي حيثيت سان فرائض سنڀاليا. ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب کي سنڌ سرڪار جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو، تڏهن مئي ١٩٩٣ع کان پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب کي سنڌي شعبي جي سربراهيءَ جو منصب سونپيو ويو. پاڻ مئي ١٩٩٩ع کان ڊين فيڪلٽي آف آرٽس مقرر ٿيو تہ سندس جاءِ تي ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو سنڌي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي صاحب کي جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ـ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. تڏهن آگسٽ ٢٠٠١ع کان ڊاڪٽر هدايت پريم کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي.

سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جي قائم ٿيڻ سان نہ رڳو درس ۽ تدريس کي فروغ حاصل ٿيو پر تحقيق ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ نيون رٿائون عمل ۾ اچڻ لڳيون. تحقيق، جي اشاعتي پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ريسرچ جرنل پڻ شايع ٿيا. جن ۾ "سنڌي صحيفو (٦١-١٩٦٢ع)، "سوکڙي" (١٩٦٤ع)، "سوغات" (٦٥-١٩٦٦ع)، "پورب" (١٩٦٩ع)، پرک (١٩٧٧ع)، ڪينجهر (١٩٨٧ع)، ڪينجهر - ٢ (١٩٨٨ع)، ڪينجهر -٣ (١٩٨٩ع)، ڪينجهر-۴ (١٩٩٠ع)، ڪينجهر-٥ (١٩٩٣ع)، ڪينجهر-٦ (٩۴-١٩٩٥ع)، ڪينجهر - ٧ (١٩٩٩ع)، استادن ۽ شاگردن ۾ تحقيق جي دلچسپي وڌائڻ ۽ مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌي شعبي ۾ هڪ سيمينار لائبريري پڻ قائم آهي، جنهن ۾ اٽڪل نَوَ هزار ڪتاب مختلف موضوعن تي موجود آهن. جن مان استاد ۽ شاگرد تدريس ۽ تحقيق لاءِ استفاده حاصل ڪندا رهن ٿا.

سنڌي شعبي پاران وقت بوقت مختلف عنوانن هيٺ ليڪچر مناظرا، مشاعرا، ورسيون، سيمينار ۽ ڪانفرنسون منعقد ٿينديون رهيون آهن اهڙن پروگرامن سبب سماج ۾ وڏي جاڳرتا آئي آهي ۽

نتيجي ۾ نوان لاڙا متعارف ٿيا آهن. سنڌي شعبي جي اهڙن پروگرامن ۾ سڀ کان اهم ۽ يادگار بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس آهي، جا ٢-٣ ۽ ۴ فيبروري ١٩٨٨ع تي ٿي، جنهن ۾ ادب جي هر هڪ صنف تي استادن، اديبن، دانشورن ۽ محققن مقالا پيش ڪيا. جي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهن. ٻن حصن تي مشتمل مجموعن مان هڪ ڪتاب 'مقالا' جي نالي سان آهي ۽ "هيو ڪتاب نرتي تندنياز سين" جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي پاران سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي ۽ تحفظ لاءِ باضابطہ علمي ادبي تحقيق جو پروگرام عمل ۾ آندو ويو ۽ مختلف رهنمائن جي رهبريءَ هيٺ وقت بوقت اسڪالر مختلف عنوانن هيٺ تحقيق ڪندا رهيا آهن. جن ڪي تحقيقي مقالن پيش ڪرڻ تي سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي پاران ايم-فل ۽ پي ايڇ ڊي جون اعليٰ ڊگريون ڏنيون ويون ٿيون. انهيءَ سلسلي ۾ هن وقت تائين ٣٩ پي ايڇ ڊي جون ڊگريون ۽ ۵ ايم-فل جون ڊگريون ڏنيون ويون آهن. جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## پي ايڇ ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست

١- ليکڪ: غلام علي الانا

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"

سال: ١٩٧١ع.

٢- ليکڪ: عبدالجبار جوڻيجو

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"

سال: ١٩٧۴ع.

٣- ليکڪ: عبدالڪريم سنديلو

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو"

سال: ١٩٧٤ع.
۴- ليکڪ: محمد صالح شاهه
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "رشيدالدين شاهه جو ڪلام"
سال: ١٩٧٤ع.
۵- ليکڪ: عبدالمجيد ميمڻ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "بيان العارفين جي تدوين"
سال: ١٩٧٤ع.
٦- ليکڪ: الهداد ٻوهيو
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "سنڌي ٻوليءَ جوسماجي ڪارج"
سال: ١٩٧٧ع.
٧- ليکڪ: عبدالرحمان قريشي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سروري خاندان جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون"
سال: ١٩٧٧ع.
٨- ليکڪ: عطا محمد حامي
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "خيرپورميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو"
سال: ١٩٧٧ع.
٩- ليکڪ: غلام حسين پٺاڻ
رهبر: اي - ايڇ جتوئي
عنوان: "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ"
سال: ١٩٧٧ع.
١٠- ليکڪ: سيد محمود شاهه
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "مولانا تاج محمود امروٽيءَ جون ادبي خدمتون
سال: ١٩٧٨ع.

١١- ليکڪ: عبدالخالق سومرو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "علي نواز علوي ۽ سندس شاعري"
سال: ١٩٧٨ع.

١٢- ليکڪ: عزيز الله ميمڻ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "خيرپور جي ادبي تاريخ"
سال: ١٩٧٨ع.

١٣- ليکڪ: محمد جمن ٿالبر
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"
سال: ١٩٧٨ع.

١٤- ليکڪ: مرزا حبيب الله
رهبر: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
عنوان: "مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس"
سال: ١٩٧٨ع.

١٥- ليکڪ: در محمد پٺاڻ
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "ڪراچي ضلعي جو سنڌي علم ادب ۾ حصو"
سال: ١٩٧٩ع.

١٦- ليکڪ: سيد ممتاز حسين شاهه
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "سهنڌ مدرسي جو سنڌي ادب ۾ حصو"
سال: ١٩٧٩ع.

١٧- ليکڪ: شمس الدين عرساڻي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"
سال: ۱۹۸۰ع.

۱۸- ليکڪ: غلام حيدر پرزو
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت"
سال: ۱۹۸۰ع.

۱۹- ليکڪ: اياز حسين قادري
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي غزل جي ارتقا"
سال: ۱۹۸۲ع.

۲۰- ليکڪ: عبدالجبار مغل
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم و ادب ۾ حصو"
سال: ۱۹۸۲ع.

۲۱- ليکڪ: شمس محسن عباسي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت ۽ سنڌ ۾ علمي ۽ سياسي خدمتون"
سال: ۱۹۸۳ع.

۲۲- ليکڪ: قمر جهان مرزا
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي، سماجي تاريخ ۾ حصو"
سال: ۱۹۸۲ع.

۲۳- ليکڪ: عزيزالرحمان ٻگهيو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي صحافت جي تاريخ"

سال: ۱۹۸۳ع.
۲۴- ليکڪ: غلام رسول بلوچ
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سنڌي ڊراما جي هڪ صدي"
سال: ۱۹۸۴ع.
۲۵- ليکڪ: عبدالغفور ميمڻ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "اٺويهين صديءَ جا نثر نويس"
سال: ۱۹۸۴ع.
۲۶- ليکڪ: حامد علي خانائي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "ساهتيءَ جا علمي مرڪز"
سال: ۱۹۸۶ع.
۲۷- ليکڪ: شاهنواز سوڍر
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف"
سال: ۱۹۸۸ع.
۲۸- ليکڪ: غلام نبي سڌايو
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ علامت نگاري"
سال: ۱۹۸۹ع.
۲۹- ليکڪ: حسن بانو سومرو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌي عورت جو مطالعو"
سال: ۱۹۸۹ع.
۳۰- ليکڪ: خادم حسين قريشي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

عنوان: "سنڌي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو"
سال: ١٩٨٩ع.

٣١- ليکڪ: غلام قادر سومرو
رهبر: مولانا غلامؐ مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح"
سال: ١٩٨٩ع.

٣٢- ليکڪ: بشير احمد شاد
رهبر: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
عنوان: "مولانا ثناء الله ثنائي جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو"
سال: ١٩٩٠ع.

٣٣- ليکڪ: عبدالجبار عابد لغاري
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "تاجپور جي نواب لغاري خاندان جون علمي ادبي خدمتون"
سال: ١٩٩٠ع.

٣٤- ليکڪ: داد محمد بروهي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو"
سال: ١٩٩١ع.

٣٥- ليکڪ: شڪنتلا سيوائي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "شاهه جي رسالي ۾ جماليات جو تحقيقي جائزو"
سال: ١٩٩٣ع.

٣٦- ليکڪ: محمد صالح گوپانگ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي نصاب ۾ آيل ٻولي جو تحقيقي جائزو"
سال: ١٩٩٤ع.

٣٧- ليکڪ: هدايت الله آخوند
رهبر: پروفيسر علي نواز جتوئي

عنوان: "سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پس منظر"
سال: ١٩٩٥ع.
٣٨- ليکڪ: تهمينه سڪندر
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سنڌي افساني جو سماجي ڪارج"
سال: ١٩٩٦ع.
٣٩- ليکڪ: مرزا امام علي بيگ افسر
رهبر: ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر
عنوان: "سنڌي مرثيه گوئي جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو"
سال: ١٩٩٦ع.

## ايم - فل:

١- ليکڪ: ميمڻ عبدالغفور
رهبر: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
عنوان: "نواز علي نياز جي شاعري"
سال: ١٩٧٥ع.
٢- ليکڪ: محمد اشرف منصور
رهبر:
عنوان: "غزل گو شعراء ڪرام ضلع دادو"
سال: ١٩٧٩ع.
٣٥- ليکڪ: محمد پناه ڦرڙو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "صوفي مت جو سنڌي ادب تي اثر"
سال: ١٩٨٦ع.
٤- ليکڪ: ثريا سوز ڏيپلائي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول نگاري"
سال: ١٩٨٨ع.

٥- ليکڪ: فيروزه سمون
رهبر: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
عنوان: "سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب"
سال: ١٩٨٩ع.

مختلف عنوانن هيٺ، مختلف رهبرن جي رهنمائيءَ ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالن مان ڪيترائي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن. انهن کان علاوه سنڌي شعبي جي استادن پڻ ڪيترائي علمي ۽ تحقيقي ڪتاب لکيا آهن، جي شايع ٿيڻ کان پوءِ تحقيق جي عملي ميدان ۾ وڏي وٿ ثابت ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح استاد وقت بوقت تحقيقي مقالا لکندا رهيا آهن، جي مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابي سلسلن کان علاوه تحقيقي مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

هن هيٺ استادن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

## پروفيسر علي نواز جتوئي:

پروفيسر علي نواز ولد حاجن خان جتوئي، ڳوٺ گدو جتوئي ۾ ١١ جولاءِ ١٩١٤ع تي تولد ٿيو. ابتدائي تعليم پراڻا جتوئي ڏيپارجا ۾ حاصل ڪري، مئٽرڪ جو امتحان مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان ڊي جي سنڌ ڪاليج ۽ جهونا ڳڙهه مان پاس ڪري، سن ١٩٥١ع ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن کان پوءِ حيدرآباد جي ڪنهن ڪاليج ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. سنڌ ١٩٥٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. جتان ١٩٧٤ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سنڌي شعبي ۾ سروس جي دوران هو سن ١٩٦٢ع ۾ لنڊن ويو، جتي ٻه سال اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز جهڙي تعليمي اداري ۾ لسانيات جي اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. وطن ورڻ کان پوءِ هو پنهنجي حاصل ڪيل ڄاڻ جي بنياد تي لسانيات ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺي تحقيق ڪندو رهيو. سندس مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن.

پروفيسر علي نواز جتوئي جا هيٺيان اٺ ڪتاب سنڌس حياتيءَ ۾ ڇپيا: ١- ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام. ٢- ديوان حافظ. ٣- سياست نامو. ٤- اخلاق محسني ٥- سنڌي صحيفون. ٦- غزلن جو غنچو. ٧- علم اللسان ۽ سنڌي زبان ۽ ٨- رحيم ۽ رحيمي.

ڪتاب "علم اللسان ۽ سنڌي زبان" جتوئي صاحب جي غير فاني تصنيف آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جي موضوع تي ان نوعيت جو هي منفرد ڪتاب آهي. جنهن کي سنڌ ۽ هند جي لسانيات جي ماهرن قدر جي نگاهه سان ڏٺو آهي ۽ جتوئي صاحب جي لسانياتي ڄاڻ جو کليءَ دل سان اعتراف ڪيو آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم ان ڪتاب کي ساراهيندي لکي ٿو ته: "لسانيات جي ڏس ۾ سنڌيءَ ۾ هن کان بهتر ٻيو ڪو به ڪتاب ڪو نه آهي. هن ڪتاب ۾ لساني ڄاڻ سائنسي بنيادن تي استوار ڪيل معياري، جامع ۽ تازه ترين ڏني ويئي آهي. هي ڪتاب لسانيات جي شاگردن توڙي عالمن ۽ محققن جي تمام گهڻي رهنمائي ڪري ٿو. هر اسم نهايت مناسب مثالن سان سمجهايو ويو آهي. ٻهرين ڇاپي ۾ ست باب هئا. جڏهن ته ٽئي ڇاپي ۾ اٺون باب "ٻولين جي لکڻ جو طريقو" به شامل ڪيو ويو آهي. ١- لڇمڻ کوبچندائي هن ڪتاب کي (Note worthy contribution) سڏيو آهي".[1] ٢- اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر بلوچ هن ڪتاب متعلق لکيو آهي ته: "سنڌي زبان تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب رهنمائي ڪندو".

پروفيسر علي نواز جتوئي لسانيات جي موضوع کان علاوه فلسفي ۽ تصوف سان به گهري دلچسپي رکندڙ هو. تصوف ۽ وحدة الوجود جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ نه رڳو دنيا جي مشهور صوفين جي تصنيفن ۽ ڪلام جو مطالعو سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسي زبانن ۾

(١) پريم، هدايت ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي، جا محقق. سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد. ١٩٩٤ع. ص- ٥٤ ۽ ٥٧.

ڪپو پر وقت بوقت ان موضوع تي لکندو به رهيو. جنهن جو مثال سندس هڪ ڪتاب رحيم ۽ رحيمي آهي. جتوئي صاحب علامہ آءِ آءِ قاضي جي صحبت ۾ به رهيو ۽ ڪائنس گهڻو متاثر هو. انهيءَ اثر جي نتيجي ۾ جتوئي صاحب وقت بوقت علامہ صاحب جي زندگي ۽ فڪر تي لکندو رهيو. پروفيسر علي نواز جتوئي ٢٩ سيپٽمبر ١٩٩٦ع تي وفات ڪري ويو.

## پروفيسر محرم خان:

پروفيسر محرم خان ولد محمد يوسف وگهامل ١٨ جولاءِ ١٩١٨ع تي ڳوٺ وگهامل تعلقي هالا ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪري، مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان علاوه هو تدريس سان به منسلڪ ٿي ويو. ١٩٤١ع کان ١٩٥٤ع تائين نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو. ايم اي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سينٽ ميريز ڪانوينٽ ۽ نصرت ڪاليج ۾ ١٩٦٢ع تائين سنڌي جو استاد رهيو. ١٩٦٣ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. جتان اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

پروفيسر محرم خان سنڌ يونيورسٽي ۾ رهندي تحقيق ۾ به خاصي دلچسپي ورتي. هن سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي ۽ اڀياسي مطالعي ڏانهن خصوصي توجهہ ڏيئي مقالا لکندو رهيو. جن مان "سمنگ چارڻ"، "قديم سنڌي سعر ۽ شاعري"، "شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ"، ٽماهيمهراڻ ۾ سن ١٩٦٦ع کان ١٩٦٧ع تائين شايع ٿيا. انهي کان علاوه سنڌي شعبي جي مخزنن پورب ۽ پرک ۾ پڻ "سنڌ جي اوائلي شاعريءَ جي 'وائي' جي عنوانن سان مقالا ڇپيا.

پروفيسر محرم خان جي مقالن جي مطالعي سان سندس مطالعي ۽ ادراڪ جي بروز پوي ٿي.

## ڊاڪٽر حبيب الله مرزا:

ڊاڪٽر حبيب الله ولد رحيم بخش مرزا، ٢ فيبروري ١٩٢٤ع تي حيدرآباد شهر ۾ تولد ٿيو. سندس وڏو ڏاڏو باوا عزيز خان، ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪابل کان لڏي سنڌ ۾ آيو. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا ان جي ڇهين پيڙهيءَ مان آهي. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا ننڍپڻ کان ئي لاڏ ڪوڏ سان پليو، پاڻ ابتدائي تعليم نولراءِ هيرانند اڪيڊمي برانچ٢، مان حاصل ڪري مڊل تائين فورٿ مڊل اسڪول ۾ پڙهيو. اهڙيءَ طرح ميٽرڪ نيشنل هاءِ اسڪول سوسائٽي مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان ١٩٥٠ع ۾ بمبئي يونيورسٽي کان پاس ڪري ايم اي سنڌي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. پي ايچ ڊي ۽ ايل ايل بي ۽ بي ٽي جون ڊگريون پڻ ورتائين. پاڻ پهريائين ڪورٽ آف وارڊس ۽ ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ جنوري ١٩٦٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، جتان ڊسمبر١٩٨٢ع تي رٽائر ڪيائين. ان عرصي دوران سنڌي شعبي جو سربراهه پڻ رهيو.

ڊاڪٽر حبيب الله مرزا هڪ استاد کان علاوه هڪ اديب، مترجم ۽ محقق طور به سڃاتو وڃي ٿو سندس تحريرون سنڌ جي مختلف رسالن ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيل آهن. سندس مقالن مان هڪ "ڊراما جو اصل وطن" جي عنوان هيٺ جولاءِ ١٩٦٩ع جي "پورب مخزن" ۾ شايع ٿيو. انهيءَ مقالي ۾ مرزا صاحب ثابت ڪيو ته "ڊرامه" جي صنف جي ابتدا سنڌ کان ئي ٿي آهي. ٻيو مقالو: شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس جي آهي جنهن ۾ مختلف عنوانن تحت ٩ باب آڏاريل آهن، اهو مقالو مرزا حبيب الله ڊاڪٽوريٽ جي ڊگريءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ١٩٧٩ع ۾ پيش ڪيو. جنهن تان کيس ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ملي. مئڪبيٿ ڊرامو: مرزا حبيب الله ١٩٦٦ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي مئڪبٿ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، ترجمو نهايت سليس، جاذب ۽ با محاورا ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي.

انهيءَ ڪان علاوه مرزا صاحب "حيدرآباد وارو ستين جو آستان" (سماجي مهراڻ ١٩٨٩ع) "پراڻو ڪوٽ" (مهراڻ ١٩٧٨ع) "سنڌي ڊراما جي تاريخ ۽ تنقيد" "پيار جو پيغام". ترجموڪيو. مهاڪوي ودياپتي ٺاڪر جي امر زندگي جي جهلڪ. آزادي، لبرٽي جو ترجمو (اصل جان اسٽوئرٽ) ڪيو. مرزا حبيب الله جي تحقيقي مقالن ۾ تحقيق واري عنصر ڪان علاوه ترجمو ڪيل تحريرن ۾ بہ ترجمي نگاري واريون، سيئي خصوصيتون آهن هو هڪ قابل قلمڪار ۽ ذهين استاد آهي هن وقت رٽائرمينٽ ڪان پوءِ باقي زندگي پڻ مطالعي ۾ گذاري رهيو آهي.

## ڊاڪٽر غلام علي الانا:

ڊاڪٽر غلام علي الانا ولد الانا رحيم، سنڌ ۾ مشهور اديب ۽ لسانيات جي ماهر جي حيثيت سان غير معمولي مڃتا ماڻي چڪو آهي. سندس جنم پندرهين مارچ ١٩٣٠ع تي ٽنڊو خواجہ تعلقي جاتي ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ٽنڊو خواجہ مان حاصل ڪري، ثانوي تعليم ميرپور بٺوري ڪان علاوه ٽنڊي محمد خان ۽ ڪراچي جي اين جي وي اسڪول مان حاصل ڪيائين. سن ١٩٥٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بي اي ۽ سن ١٩٥٥ع ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين. ١٩٦٣ع ۾ لنڊن يونيورسٽي جي مشهور اداري اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز مان اي ايم. لسانيات جي ڊگري حاصل ڪري سن ١٩٧١ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي اعليٰ سنڌ حاصل حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي سموري زندگي پڙهڻ، پاڙهڻ ۽ لکڻ ۾ گذاري آهي. پاڻ بحيثيت استاد جي اول ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. اتان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺٽي بدلي ڪيو ويو. سن ١٩٥٤ع ۾ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. جتان ١٩٥٨ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار چونڊيو ويو. جتي پاڻ پنهنجي صلاحيتن سبب اڻٿڪ محنت

ڪري اڳتي وڌندو رهيو ۽ پروفيسر جي اعليٰ منصب تي پهتو. سنڌ يونيورسٽي ۾ "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" جي ابتدا کان وٺي موجوده صورت ۾ آڻڻ لاءِ الانا صاحب، جيڪي خدمتون ڏنيون پيٽيون ۽ رات ڏينهن پيٽيون ۽ رات چئوٽيون مصداق سرانجام ڏنيون تن جو ڪو به ڪاٿو ڪونهي. ان لاءِ ڪيس جس هجي. پاڻ سنڌالاجي جو سمورو عرصو پروفيسر انچارج ۽ ڊائريڪٽر رهيو. آگسٽ ١٩٨٣ع ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. سن ١٩٩٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. سن ١٩٩٨ع ۾ ڪيس سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻولي جي ادب ۽ لسانيات لاءِ جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي سو انفراديت جو حامل آهي. سندس مشهور تصنيفات ۾ "سنڌي نثر جي تاريخ"، "سنڌي صوتيات"، "سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد"، "سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي"، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، "ثقافتي ورثو"، "سنڌي صورتخطي" اچي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر الانا صاحب، جا تصنيفن کان علاوه ڪيترائي بيش بها مقالا ماهوار نئين زندگي ۽ ٽماهي مهراڻ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن جن کي هاڻي گڏ ڪري ڇپائڻ جي اهم ضرورت آهي. سندس علمي، قلمي ۽ تحقيقي خدمتن جي اعتراف طور ڪيس ڪيترائي انعام اڪرام ۽ ايوارڊ ڏنا ويا آهن. جن ۾ ١٩٨٩ع ۾ وزارت تعليم حڪومت پاڪستان پاران ايوارڊ، ١٩٩٠ع ۾ انٽرنيشنل ڪائونسل فار نوويشن ان هائير ايجوڪيشن ڪئناڊا پاران ايوارڊ، ١٩٩٣ع ۾، صدر پاڪستان پاران ستاره امتياز سول ايوارڊ، ١٩٧٩ع ۾ سگا ايوارڊ کان علاوه ڪيس ٻيا ڪيترائي ايوارڊ ڏنا ويا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا پاڪستان ۽ سنڌ جو واحد ماهر لسانيات آهي جنهن سڀ کان وڌيڪ لسانيات جي موضوع تي ڪتاب ۽ مقالا لکيا آهن. سندس ڪتاب پاڪستان جي يونيورسٽين جي مقرر ڪيل ڪورسن ۾ پڙهيا وڃن ٿا.

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

محترم عبدالجبار ولد ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو ٢٦ نومبر ١٩٣٥ع تي ڳوٺ پير فتح الدين شاهه ضلعي بدين ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم بدين مان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم حيدرآباد مان ورتائين. سن ١٩٦٢ع ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. ساڳئي سال ٢١ آگسٽ ١٩٦٢ع ۾ سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. سن ١٩٦٢ع ۾ بيڪنگ مان چيني ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ڪري آيو ۽ سن ١٩٧٤ع ۾ "فارسي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر" جي موضوع تي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ ڪيترو عرصو سنڌي شعبي جو چيئرمين ۽ آرٽس فيڪلٽي جو ڊين به رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي چئيرمين جي حيثيت سان به فرائض سرانجام ڏنائين. نومبر ١٩٩٥ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي ٻولي جي ادب ۾ گھڻ رُخي شخصيت جو مالڪ آهي. هو ساعر، اديب، محقق، افسانہ نگار، ادبيات جو ماهر، لسانيات جو ڄاڻو، نقاد، موسيقي جي علم ۽ فن جو ماهر ۽ لغت نويس آهي. انهن سڀني حوالن سان پاڻ لاتعداد مقالا لکيا اٿائين ۽ چاليهن ڪتابن جو مصنف بہ آهي. جن ۾ اهم ڪتاب هي آهن:

سوڪڙي، اباڻو گھر، دانشمندي، ڪنزاللطيف، سوري آ سينگار، غزلن جو غنچو، سنڌيون، پيغمبر اسلام، مائوجي ملڪ ۾، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، اڪيلي، لاڙ جي لغات، مرگھہ ترسنا، لطيفيات، ڪشف الابيات، چونڊ ڪلام، مقالا، ديپڪ ۽ ملهار، ونڊسر محل جو مسافر، نرتي تند نياز سين، ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو، تنوير عباسي: هڪ مطالعو، محمد سومار شيخ: هڪ مطالعو، شيخ اياز: هڪ مطالعو، فارسي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر، سرائيڪي شاعري: هڪ مطالعو، سنڌي ادب جومطالعو ۽ ميرا عشق پي تو قابل ذڪر آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر سيمينارن ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري مقالا پيش ڪيا آهن. انهيءَ کان علاوه تحقيق سان دلچسپي رکندڙ ڪيترن شاگردن ڊاڪٽر صاحب جي رهبري ۾ ايم فل. پي ايڇ ڊي لاءِ تحقيقي مقالا لکيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب کي سنڌي کان علاوه اردو، سرائڪي، فارسي، هندي ادبيات جو به وسيع مطالعو آهي. پاڻ وقت بوقت ڪيترن ئي تنقيدي مقالن ۾ انهن ٻولين جي ادب جو تقابلي مطالعو پيش ڪندو رهيو آهي.٠

## ڊاڪٽر غلام حسين پنهور:

ڊاڪٽر غلام حسين پنهور ٣ ڊسمبر ١٩٦٦ع تي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ ١٩٩٦ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سنڌي ناول جي تاريخ جو مطالعو سندس مرغوب موضوع هو. جنهن ڪري "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ" جي موضوع هيٺ تحقيقي مقالو پيش ڪري پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. اهو مقالو بعد ۾ سنڌالاجي پاران ڇپايو ويو. انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب "تحقيق جو فن" نالي ڪتاب لکيو. پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي پاران ڇپايو ويو. انهيءَ ڪتاب تي پاڪستان اڪيڊمي ادبيات پاران کيس "شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ" مليو. سندس ڪيترا مقالا "سنڌي ادب" ۾ شايع ٿيل آهن.

## ڊاڪٽر قاضي خادم:

محترم خادم حسين ولد محمد لائق قريشي ٢١ نومبر ١٩٤٥ع تي ٻراڻن هالن ۾ تولد ٿيو. سندس والد صاحب وقت جو نهايت ديانتدار ۽ بااصول مختيارڪار هو. جنهن جي تربيت ۽ اثر هيٺ قاضي خادم پليو ۽ پڙهيو. مختلف شهرن ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ سٽي آرٽس ڪاليج ۽ سچل آرٽس ڪاليج ۾ تعليم حاصل

ڪري، سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي انگلش ۽ سنڌي جون ڊگريون حاصل ڪري ايل ايل بي جي سند ورتائين. ان کان پوءِ "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو" جي عنوان هيٺ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري بہ حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر قاضي خادم ۱۵ جون ۱۹۹۷ع تي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. هن وقت آرٽس فيڪلٽي جي ڊين جي حيثيت ۾ فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ سندس خاص فيلڊ افسانوي ادب آهي. انهي حوالي سان سندس ڪجهہ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيل آهن. ٻهريان هڪ اردو ناول "شمع هررنگ ۾ جلتي هي سحر هوني تڪ" شايع ٿيو. اهڙي طرح "پيار ۽ سپنا"، "درد جي خوشبو" ناول بہ شايع ٿيل اٿس. ترجمو ٿيل ناولن ۾ ڪامئو جي ناول جو ترجمو "زوال" پيري لوئي جي ناول جو ترجمو. "سونهن جي ديوي" ۽ دوستووسڪي جي ناول جو ترجمو "جواري" جي نالي سان شايع ٿيا. ڊاڪٽر صاحب جي ڊرامن جو هڪ مجموعو "لڙڪ لڙڪ زنجير" پڻ سنڌالاجي پاران شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر قاضي خادم افسانوي ادب کان علاوه تحقيق ڏانهن بہ ڌيان ڏنو. سندس تحقيق جو انداز نرالو آهي. هو جتي ٻولي ۽ ادب جي رڪارڊ کي ترتيب ڏئي ٿو، اتي ويچارن ۽ سوچ جي سـ نر کي بہ مدنظر رکي ڪي سلسلا ڳنڍي نوان نتيجا اخذ ڪري ٿو. گويا ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ هن ۾ تحقيق ۽ تخليق جو عنصر ۽ فڪر جي اڄل بہ آهي، انهيءَ حوالي سان سندس ڊاڪٽريٽ وارو مقالو "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو" بہ شايع ٿيل آهي ۽ ان کان علاوه "ادب ۽ روايتون" نالي سان ڪتاب پڻ ڇپائي چڪو آهي، اهي ڪتاب سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت جي حوالي سان الڳ مقام حاصل ڪري چڪا آهن. قاضي صاحب جي افسانن جو هڪ مجموعو اردو ٻولي ۾ "قاضي خادم ڪي افساني" جي نالي سان پڻ پڌرو ٿيو آهي.

ڊاڪٽر قاضي خادم هڪ حساس دل رکندڙ ڏاهو ۽ ملنسار شخصيت جو مالڪ آهي.

## پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه:

محترمه نور افروز خواجه ڏيءُ سيٺ احمد علي ۵ جولاءِ ١٩٥٣ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي. ابتدائي تعليم حيدرآباد جي اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي اسڪول مان حاصل ڪري ميٽرڪ جو امتحان ١٩٦٩ع ۾ گورنمينٽ گرلس پائليٽ اسڪول (ميران اسڪول) مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. سن ١٩٧٣ع ۾ بي اي جو امتحان گورنمينٽ زبيده گرلز ڪاليج مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. سن ١٩٧٥ع ۾ ايم اي (سنڌي) جو امتحان سنڌ يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. سن ١٩٩٧ع ۾ "سنڌي ناول جي اوسر" جي عنوان هيٺ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي رهبري ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه ١٩٧٦ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. سن ١٩٨٢ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ١٩٩٤ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿي. سن ١٩٩٧ع ۾ پروفيسر مقرر ٿي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه تعليم ڏيڻ سان گڏ تحقيق به ڪندي رهي ٿي. سندس مضمون/ مقالا سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختلف رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس اهم موضوع شخصيات، شاهه لطيف، عورت، ناول، اصطلاح جوٽيون ۽ پهاڪا آهن. جن تي هڪ اندازي موجب ٥٠ مضمون/ مقالا لکي چڪي آهي. مضمونن/ مقالن کان علاوه سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "پرڏيهي آکاڻيون" ترجمو ٿيل آهن. جي ڪتابي صورت ۾ ساڳي نالي سان سنڌالاجي پاران شايع ٿيل آهن. سندس تحقيقي مقالي جو پهريون حصو "سنڌي ناول جي اوسر" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ "گلشن پبليڪيشن" پاران ١٩٩٩ع ۾

شايع ٿي منظر عام تي آيو. ان جو ٻيو حصو ڇپڻ ساڳي نالي سان اشاعت هيٺ آهي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه جون تعليم ۽ تحقيق کان علاوه "آغا خان ڪميونٽي سروس". لاءِ ڪيل خدمتون به آهن. جن ۾ ١٩٧٧-٧٦ع ۾ آغا خان لئبرري ۽ ريڊنگ روم ۾ ميمبر. آغا خان ريجنل ايجوڪيشن بورڊ ۾ ميمبر. (١٩٨١ع الزهره گرلس هاسٽل ۾ ڊائريڪٽر (١٩٨٢ع کان ١٩٨٩ع) آغا خان ميرنٽي هوم تلڪ چاڙهي ۾ ميمبر (١٩٨٥ع) الزهره گرلس هاسٽل جي چيئرپرسن (١٩٨٩ع کان هلندڙ). آغا خان ريجنل هيلٿ بورڊ جي ڊائريڪٽر (١٩٨١ع کان هلندڙ) آغا خان هيلٿ سروس پاڪستان جي ريجنل ڊائريڪٽر ريجنل ڪائونسل فار سنڌ جي ميمبر ۽ آغا خان فنڊ ريزنگ ڪاميٽي سنڌ جي ميمبر پڻ رهندي اچي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه پنهنجي تعليم. تحقيق ۽ ڪميونٽي جي خدمتن سبب هڪ وڏي حلقي ۾ پنهنجي سڃاڻپ رکندڙ آهي. سندس مصروفيتن کي ڏسي ڪيس جس ڏجي ٿو.

## ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو:

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو. پهريون جنوري ١٩٥٤ع تي بدين ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم بدين مان حاصل ڪري، بي اي جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ايم اي سنڌي ۽ ايم اي صحافت جا امتحان سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪري، آڪٽوبر ١٩٨٩ع ۾ سي اي ٽي جي اسڪالر تي لنڊن روانو ٿيو. جتان اسيڪس يونيورسٽي مان لسانيات ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري موٽيو.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو سن ١٩٧٧ع کان سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي تي پهتو. سن ١٩٩٩ع ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. جتان "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" جو چيئرمين مقرر ٿي وڃي اداره جو انتظام

سنڀاليائين. سندس دلچسپي جا موضوع ادبيات، سماجيات، لسانيات، ثقافت ۽ تعليم آهن. جن تي وقت بوقت تحقيقي مقالا لکندو رهيو آهي. پاڻ ڪيترين ئي قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ مقالا پيش ڪري چڪو آهي. سندس تصنيفات ۾ "سنڌي ٻولي، لسانيات کان سماجي لسانيات" ١٩٩٨ع، مقالا، نرتي تند نياز سين ۽ ڪلچرل هيري ٽيج آف سنڌ شايع ٿيل آهن. مختلف رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ اخبارن ۾ سندس مقالا شايع ٿيندا رهن ٿا.

## پروفيسر سحر امداد:

پروفيسر سحر امداد صاحب ١٩٧٤ع ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪري، جون ١٩٧٦ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿي. سندس خاص دلچسپي شاعري، افسانوي ادب ۽ تحقيق سان آهي. پاڻ سنڌ جي نامور شاعره جي حيثيت سان ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. سندس تحقيقي مقالا سنڌي شعبي مان شايع ٿيندڙ تحقيقي مخزن "ڪينجهر" کان سواءِ سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ان کان علاوه مختلف شهرن ۾ ٿيل سيمينارن ۽ ڪانفرنس ۾ پڻ تحقيقي مقالا پيش ڪيا اٿائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، تي مختلف حوالن سان لکڻ کان علاوه سنڌ جي ڪن شاعرن تي پڻ تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا لکي چڪي آهي. سنڌالاجي پاران شايع ٿيل ديني ادب جو ڪئٽلاگ به سندس ئي ترتيب ڏنل آهي، پاڻ هن وقت سنڌي شعبي ۾ پروفيسر جي حيثيت سان تدريسي فرائض سرانجام ڏيئي رهي آهي.

## ڊاڪٽر آخوند هدايت پريم:

هدايت الله ولد عبدالڪريم آخوند ٢٤ مارچ ١٩٤٦ع تي روهڙي ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم روهڙي ۽ سکر جي اسڪولن ۾ حاصل ڪيائين. ڪاليج جي تعليم به سکر ۾ ئي حاصل ڪيائين. سن ١٩٧٣ع ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪيائين. سن ١٩٨٩ع ۾ لسانيات ۾ يونيورسٽي آف لنڊن مان ڊپلوما ڪري آيو. سن

١٩٩٥ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ٿي لسانيات ۾ پي ايچ ڊي ڪري ورتائين. هن وقت هو سنڌ جي چند لسانيات جي ماهرن جي صف ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر هدايت پريم هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت سان پنهنجي ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو رهي ٿو. پاڻ لسانيات جي حوالي سان مختلف موضوعن تي تحقيقي مقالا لکندو رهي ٿو. هڪ اندازي موجب هن وقت تائين اٽڪل ڇاليهه مقالا لکي چڪو آهي. جي مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس مقالن کي چاٺو حلقن قدر جي نگاهه سان ڏٺو آهي. انهن مقالن کان علاوه سندس ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن: "سنڌي ٻولي جا محقق". "آگسٽ ١٩٩٤ع ۾ سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ "ٽر جون ٻوليون" (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب سان گڏ) سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران شايع ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر هدايت پريم سن ١٩٨١ع کان سنڌ ۽ پاڪستان جي مختلف تعليمي ادارن ۽ شهرن ۾ ٿيندڙ سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ به شريڪ ٿي پنهنجا مقالا پڙهندو رهيو آهي. ضرورت اها آهي ته ڊاڪٽر پريم جي مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو وڃي. جيئن لسانيات سان دلچسپي رکندڙ شاگرد هن جي تحقيقي مان استفاده حاصل ڪري سگهن.

## ڊاڪٽر تهمينه مفتي:

ڊاڪٽر تهمينه مفتي جون ١٩٧٦ع کان سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿي. ڪجهه عرصو ملڪ کان ٻاهر رهي ۽ اپريل ١٩٩٥ع ۾ واپس اچي، ساڳئي عهدي تي فائز ٿي. سن ١٩٩٦ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿي ۽ هن وقت ايسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت سان تدريس جا فرائض سرانجام ڏيئي رهي آهي.

ڊاڪٽر تهمينہ مفتي سن ١٩٩٦ع ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي رهنمائي ۾ "سنڌي افساني جو سماجي ڪارج" جي موضوع تي تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ مفتي صاحبہ تحقيق واري عمل کي جاري رکندي اچي ٿي. ياڻ لطيفيات، افسانوي ادب ۽ مختلف موضوعن تي مقالا لکندي رهي آهي جي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. مختلف ڪانفرنس ۽ سيمينارن ۾ بہ تحقيقي مقالا پيش ڪري چڪي آهي، هن وقت سندس مرغوب موضوع جماليات رهندو اچي ٿو. جنهن تي نہ رڳو مطالعو ڪندي رهي ٿي. پر شاهہ لطيف، سچل ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام تي جمالياتي حوالي سان لکندي بہ رهي آهي.

## ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو:

سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جو استاد ڊاڪٽر محمد انور فگار ولد محمد صديق هڪڙو، تاريخي شهر شڪارپور ۾ اپريل ١٩٦١ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم جا مرحلا شڪارپور ۾ طئي ڪري سن ١٩٨٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين. اهڙيءَ طرح ١٩٩٦ع ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي رهنمائي ۾ "شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو" جي عنوان هيٺ تحقيقي مقالو پيش ڪري ڊاڪٽوريٽ جي اعليٰ سند حاصل ڪيائين. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي مان ڪيس پهرين ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو آگسٽ ١٩٩٧ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ اپريل ٢٠٠١ع ۾ ترقي حاصل ڪري، اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو آهي. پاڻ سنڌ ۾ نوجوان شاعر ۽ محقق طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪيل تحقيق کي ٿوري عرصي ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ٿيڻ جو هڪ سبب سندس تخليقي نثر ۽ جاذب

ٻوليءَ جو هڪ ٻہ آهي، هن نماهي مهراڻ ۽ ماهوار نئين زندگي ۾ نهايت معياري مقالا لکيا آهن. انهن کان علاوه سندس تصنيفات ۾ "سمنڊ سمايو ٻوند ۾"، "جنم جنم جي جيت اياز"، جي تند برابر توريان"، "پٽ جون ڳنڍيون ريشم ويڙها"، "سون برابر سڱرا" شايع ٿيل آهن. تازو شيخ اياز جي ادارت ۾ شڪارپور مان ١٩٤٧ع ۾ شايع ٿيل ماهوار رسالو "اڳتي قدم" نئين ترتيب سان شيخ اياز فائونڊيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. جنهن جي ترتيب، تدوين ۽ مهاڳ لکڻ جا فرائض ڊاڪٽر انور فگار ٿي سرانجام ڏنا آهن. هينئر سندس ڪتاب "شڪارپور جي صحافت جي تاريخ" ڇپائي هيٺ آهي.

## ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري:

ڊاڪٽر عبدالجبار ولد نواب محمد علي خان لغاري مئي ١٩٤٤ع ۾ ڳوٺ تاج پور تعلقو ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مقامي اسڪول ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ سيڪنڊري تعليم منصوره تعلقو هالا ۾ ورتائين ۽ ڪاليج تعليم گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ حاصل ڪيائين. ١٩٧٣ع ۾ ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۽ ١٩٨٥ع ۾ ايم اي سنڌيءَ جون ڊگريون ورتائين.

١٩٧٩ع ۾ اطلاعات کاتي ۾ ملازمت جي شروعات ڪيائين. ١٩٦٦ع کان ١٩٧٩ع تائين رهبر ڊائيجسٽ نالي هڪ رسالو جاري ڪندو رهيو. ١٩٧٩ع کان ١٩٨٩ع تائين ماهوار "نئين زندگي" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ١٩٨٩ع ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسم جي سربراهيءَ ۾ "تاجپور جي لغاري نواب خاندان جون علمي، ادبي خدمتون" عنوان سان پي ايڇ ڊي سند حاصل ڪيائين. ١٩٨٩ع کان ١٩٩٧ع تائين بحيثيت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پاڪستان نيشنل سينٽر ۽ انفارميشن آفيسر طور اطلاعات کاتي ۾ ٻہ ڪم ڪندو رهيو. ١٩٩٧ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور مقرر ٿيو جتي اپريل ٢٠٠١ع ۾ ترقي ڪري اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ شاعري ۽ افسانوي ادب سان گڏوگڏ تحقيقي ڪم به ڪندو رهي ٿو. هن ماهوار نئين

زندگي، سماهي مهراڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن.

هن مقالي جي آخر ۾، آءُ اهو ٻڌائڻ گهران ٿي ته آءُ خود به اسڪالر آهيان. ١٩٨٣ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي سربراهيءَ ۾ "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي ۽ سماجي تاريخ ۾ حصو" جي موضوع تي پي ايچ ڊي ڊگري حاصل ڪئي اٿم. مختلف رسالن ۾ ڪيترائي مضمون لکي چڪي آهيان، هن وقت سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهي آهيان.

آخر ۾ اها وضاحت پيش ڪرڻ ضروري ٿي سمجهان ته هي هڪ سرسري مطالعو آهي. پروگرام پٺاندڙ سنڌي سعبي جي تاريخ ۽ تحقيقي خدمتن کان علاوه استادن جي تدريسي ۽ تحقيقي خدمتن تي مقالن لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويندو، جنهن ۾ هرهڪ استاد جي خدمتن تي الڳ الڳ مقالو پيش ڪيو ويندو.